# جهن جهن جهنڪار

ڪمليش مورجاڻي

چوندا آهن تہ one success is built on another آشا چاند ۽ سنڌي سنگت ان جو بهترين مثال ڏنو پنهنجو نئون پروگرام جهنڪار پيش ڪري ، جو جمع ڏينهن دبئيءَ جي شيخ راشد هال ۾ 1000 کان وڌيڪ سنڌين جي اڳيان پيش ڪيو ويو ۽ سيني کي بيحد وڻيو.

پوين ڏهاڪو سالن کان سنڌي سنگت هر سال دبئيءَ ۾ ڪونہ ڪو زبردست پروگرام ڪري سنڌي ٻولي ۽ ڪلچر کي قائم رکڻ جي پنهنجي ڪوشش برقرار رکي آهي. نہ صرف ايترو پر سندن هر پروگرام اڳي کان اڳرو ۽ بيحد اوچي معيار جو رهيو آهي. جهنڪار پروگرام ۾ 4 مشهور ڪلاڪارن جي ڪلا جو نظارو ڏسڻ لاءِ مليو.

هندستان جي مشهور سنڌي گايڪ وپن شيواڻي ۽ سنڌ مان آيل اتان جي لاڏلي گايڪا ديبا سحر مشهور ۽ ڪي نوان گيت ڪائي سيني جي دل چورائي ورتي.

پروگرام جي شروعات ٿي سنڌي تراني تي نرتيہ سان. ڊاڪٽر موتي پرڪاش جي لکيل آنديءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي...گيت تي 8نوجوانن ڏاڍو سهڻو اسم پيش ڪيو. وپن شيواڻيءَ ، ڳايو هن جنم هن جنم وچن ٿو ڪريان مان جتي پيي هجان سنڌ تنهنجو ٿيان...اهو ايتري تہ پرسوز آواز ۾ پيش ڪيو جو ماڻهو جهومي اٿيا ۽ پاڻ کي جهلي نہ سگهيا- اچي نچڻ لڳا. اهو سمو اها مهل اهي ٻول هر سنڌيءَ جي دل جي صدا بڻجي ماحول ۾ گونجڻ لڳا. وپن جمائي ويو رنگ پنهنجي سريلي پختي آواز سان محفل تي.هنجي ٻيا بہ گيت ڳاتا، ڪو ڪيئن چوي آءُ جوئي آهيان سو آهيان..تاڙين جا ٺهڪا ساڻ ساڻ بلند آواز غضب جو ماحول تاري ڪيو.ديبا صحر پنهنجي مٺر ڪومل آواز ۾ پيش ڪيو- سڪ ۾ سڪيءَ کي ڪين سڪاءِ... اصل پڳونتيءَ جي ياد تازا ڪرائي ڇڏيائين. وري سندس گيت تي دبئيءَ جي نوجوانن ڊانس ڪئي تہ لڳو هيءَ منڙي سنڌي ٻولي آهي، ڪلام آهن جي هن ورهاڱي جي دوريءَ کي ڪجھ وقت لاءِ تہ پلائي ٽا ڇڏين. واسديو موهيءَ جو لکيل گهنشام جي سرن سان جوڙيل، سهڻا سنڌي سهڻا پيش ڪيو تہ سڀ جهومي اٿيا. اميد تہ هيءُ گيت سڄي سنڌ کي جهومائيندو.

ان کان سواءِ پروگرام جو خاص حصو هو ، پارٽ جي ٻن مشهور سنڌي هاسيہ رسُ جي ڪلاڪارن جو پيش ڪيل بيحد ڪلائينڊڙ ۽ وندرائيندڙ پروگرام . تمام ٿورن سنڌين کي خبر آهي تہ اشوڪ سندراڻي ۽ سيما موٽواڻي Star TV the Great Indian Laughter Challengeبيحد گهڻي مقوبليت حاصل ڪئي آهي . سنڌين ۾ شايد ان دائري ۾ اهو پهريون وڏو قدم آهي جو اسانجا ڪلاڪار نئشنل ليول تي هندي پروگرام پيش ڪري سگهيا آهن .

پروگرام دبئي ۾ هو سو دبئي جي نوجوان ٿهيءُ 5 عاليشان ڊانسون نوَن Remix سنڌي طرزن تي پيش ڪيون .هي گيت سنڌي سنگت پاران تيار ڪيل سي.ڊي. منهنجي شهزادي ۾ آهن. جا هن پروگرام تي رليز ڪئي ويئي .

هن موقعي تي سنڌي سنگت پاران ويجهڙائيءُ ۾ ٺاهيل ٻن سنڌي ٽيلي فلمن جون ڊي.وي.ڊيز رليز ڪيون جيڪي آهن ’زندگي تنهنجي منهنجي‘ ۽ ’زهر پيار جو‘ انهن ٻنهي فلمن جو نوجوان هدايتڪار راجيش ٻچاڻي ان موقعي تي حاضر هو. اِهي DVDsسنڌيت جي مشهور دانشور دادا مورجمل ۽ سنڌ مان آيل هم تي.وِي جي ڊائريڪٽر نورالهداشاه کان رليز ڪرايون ويئون .

هي ٻئي ٽيليفلمون ڊي.ڊي. سهيادري ۽ ڊي.ڊي.انديا تي سنڌي سرهاڻ پروگرام ۾ هلي چڪيون آهن .

هڪ دفعو وري بهترين پروگرام پيش ڪري سنڌي سنگت پنهنجي قول کي قائم ڪري ڏيکاريو. جنهن لاءِ هن ڪيرون لهڻيون . وڌيڪ خبر چار لاءِ ڏسو www.sindhisangat.com